( گل - ۴۰ )



## گپت روپ ۾ وڃي انجام
## پاڻ - ڏوتي جي روپ ۾
## اچي پورڻ ڪرڻ

سائين بابا پنهنجو پوتر هٿ، ڀڳتن جي مستڪ تي رکي، ڪين پنهنجي شڪتي پردان ڪندا هئا ۽ ڀيد ڀاؤ جي ڀاونا کي ناس ڪري، انهن کي نه پراپت ٿيڻ جهڙيون شيون پڻ پراپت ڪرائي ڏيندا هئا. جيڪي ڀ پريمي ڀڳتي ڀاؤ سان سائين بابا جي چرنن ۾ اچي ڪرندا هئا ته سائين بابا پڻ ڀيد ڀاؤ وساري، ڪين هردي سان لڳائيندا هئا ۽ ڀڳتن سان اهڙو ملي ويندا هئا جئن ورشا جي مند ۾ نديون سمنڊ ۾ ملي وينديون آهن. مطلب ته جيڪي ب پرماتما جي ڀڳتن جا گڻ گان ڪندا آهن، اهي ايشور کي وڌيڪ پيارا لڳندا آهن.

ٿاڻي ضلع جو ماملتدار بي وي ديو ڏهاڻو واري جي ماتا، ۲۵-۳۰ ورت (لاڳيتا) رکيا هئا، جن جو (اُد ياپن) سماپتي ڪرڻ بلڪل ضروري هو ۽ جنهن سان گڏ وڏ ۱۰۰-۲۰۰ براهمڻ جو پڻ ڀوڄن ٿيڻ وارو هو. شري ديو هڪ تٿ جو فيصلو ڪري، باپو صاحب جوڳ کي

چٺي لکي شردي ۽ ۾ موڪلي ته ”منهنجي طوفان، سائين بابا کي آڌياڻي ۽ ڀوڄن ۾ اچي شامل ٿيڻ لاءِ ڪوٺ ڏجو ۽ ڀراڻتا ڪجو ته سندن غير حاضر رهڻ ڪري، منهنجو اِهو رچيل آنسو اڀورڻ ليکيو ويندو. مون کي آشا آهي ته باباجن، ٻڍاڻو ۾ چرن گهمائي مون کي ڪرتارٿ ڪندا.“ اِهو پتر جڏهن باباجن کي پڙهي ٻڌايو ويو تڏهن باباجن چيو ”ته جيڪي منهنجو سمرڻ ڪن ٿا، اُنهن جو مونکي سدائين خيال رهندو آهي. جيڪو مونکي پريم سان سڏ ڪندو، اُتي مان بنا دير گاڏيءَ يا ومان کانسواءِ به وڃي پرگهٽ ٿيندس.“ کيس جواب موڪليو ته ”مان، تون ۽ هڪ ٻيون ڇٽو گڏجي وٽس ايندا سين.“ بابا جا اِهي وچن شري جوڳي، شري ديو کي لکي موڪليا، جو پڙهي ديو ڏاڍو خوش ٿيو. ليڪن کيس خبر هئي ته باباجن، رٿي، رهاڻا ۽ نيم گانوَ کان سواءِ ٻئي هنڌ ويندائي ڪونهن. پر وري ويچار آيس ته باباجن لاءِ ڪجهه به اَسمڀو ناهي، هي سرو وياپي آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن ويس ۾، پرگهٽ ٿي، پنهنجو وچن پورو ڪندا.

آڌياڻي آنسو کان ٿورا ڏينهن اڳ، ڍهاڻو اِسٽيشن تي هڪ سنياسي، ساڌو لٿو، جو پاڻ ڊريس مان بنگالي ساڌو پئي لڳو. پوءِ هو ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته ڪٿ رڪشا سنستا جو سيوڪ آهي. هو سڌو اِسٽيشن ماستر

وٽ ويو ۽ هن کي چندي ڏيڻ لاءِ نويدن ڪرڻ لڳو. اِسٽيشن ماسٽر صلاح ڏنس ته ”هتي مامتلدار وٽ وڃ ته هو توکي چندن وٺي ڏيڻ ۾ چڱي مدد ڪندو.“ ئيڪ اُن وقت اُهو مامتلدار به اُتي اچي نڪتو. اِسٽيشن ماسٽر، مامتلدار سان سنياسيءَ جي واقفيت ڪرائي ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا اِسٽيشن جي پليٽفارم تي ڳالهيون ڪندا رهيا. مامتلدار ٻڌايس ته ”هن شهر جي پرمک ناگرڪ راءِ صاحب نرولر سيٺيءَ، ڌرمي ڪارين جي چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ هڪ لسٽ اڳيئي تيار ڪئي آهي، تنهن ڪري تنهنجي چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٻي لسٽ ناهڻ ٺيڪ ڪين ٿيندي. بهتر آهي ته توهين ٢-٤ مهنا رکي. پوءِ اچي درشن ڏجو.“ اهو ٻڌي سنياسي هليو ويو.

ٻ هڪ مهني ڪاپوءِ شري ديو جي گهر جي سامهون اچي ٽانگي مان لٿو. ڪيس ڏسي ديو دل ۾ چيو ته ”چندو گهرڻ آيو آهي“ ۽ ڪر ڪي لڳي ويو. تنهن تي سنياسي چيس ته ”شريمان، مان چندي لاءِ ڪونه آيو آهيان ۾ پوڄن ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.“

ديو- ڀلي آيا. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه ڇپي.

سنياسي- مون سان گڏ ٻه ٻالڪ ٻيا پڻ آهن.

ديو- ته ڪرپا ڪري اُنهن کي ٻاڻ سان وٺي اچو. پوڄن ۾ اچا ٻه ڪلاڪ دير آهي. جي اَڪيا ڏيو ته مان ڪين گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليان.

سنياسي - اوهين چنتا نہ ڪريو. مان پوري وقت تي اچي حاضر ٿيندس.

ديو - ڪرپا ڪري ٻن پهرن جي مهل اُچجو.

پوري (١٢) ٻجي، ٽي ڄڻا ٻرابر آيا ۽ پنگت ۾ شامل ٿي يوڄن ڪري هليا ويا. اُتسؤ سماپت ٿيڻ بعد ديو، خط ۾ بابو صاحب کي ڏوراپو لکي موڪليو تہ ”باباجن وچن ڀنگ ڪيو آهي.“ بابو صاحب اُهو خط کڻي باباجن وٽ آيو تہ باباجن چيس تہ ”اڙي، مون ٻرابر اُتي وڃڻ جو وچن ڏنو هو ۽ مان ڪيئن دوکو ڏئي آيو آهيان. ڪيس لکي موڪل تہ مان ٻن ڄڻن سان گڏجي سندس يوڄن ۾ شامل ٿيو هوس. ۽ هو مون کي سڃاڻي نہ سگهيو تہ پوءِ مون کي ڪوٺ ڏيڻ جو ڪشت ڇو ڪيائين؟ تون لکي موڪليندس تہ ”تو سمجهيو هو تہ سنياسي چندو وٺڻ آيو آهي پر هن توکي چيو تہ ۽ ڄڻا پيا ۽ ٻاڻ سان وٽي ايندس. ۽ ٺيڪ ١٢ ٻجي ٻن ڄڻن کي وٺي يوڄن ۾ شامل ڪين ٿيو؟ مان پنهنجي وچن پالڻ لاءِ سرؤنس نڇاور ڪندس پر وچن ڪيي ڪوڙو ٿيڻ ڪين ڏيندس!!“

انهيءَ جواب ملڻ تي شري جوڳ کي ڏاڍي پرسنتا ٿي ۽ موٽ ۾ پورو جواب لکي موڪليائين، جو پڙهي، ديو جي اکين مان لڙڪن جي ڌارا وهڻ لڳي ۽ ٻاڻ تي ڪاوڙ ڪرڻ لڳو ته ”مون هرويرو باباجن تي وچن

پنگ، ڪرڻ جو ڏوهه مڙهيو.“ وڌيڪ ٻاڻ لي ٻه عجب
کائڻ لڳو ته ”هو ڪين مون چندي ونڻ واري سنياسيءَ
کي سڃاتو ۽ ان جڻن کي آٽڻ جو ارث ڇو ڪين
سمجهيم؟“ هن ڪٿا جو مطلب آهي ته جڏهن پڪيت،
اَنيه ڀاڳ سان ستگوروءَ جي شرڻ ۾ اچي ٿو تڏهن هن
کي اَنيڙ ٽيڻ شروع ٿيندو ته سندس سڀ ڪرم نرو گهن
ٻماپت ٿيندا ٿا رهن.

(٢) ١٩١٧ع پورڻما جي رات **هيماب پنت** سپني
۾ ڏٺو ته سنياسي جي ويس ۾ هڪ ماڻهوءَ جاڳائي
چيس ته ”مان هوليءَ جي فلاڻي ڏينهن تو وٽ اچي
پوڄن ڪندس. سپني ۾ سنت جو درشن ٻه ڀاڳن جي
نشاني آهي. جڏهن سندس ننڊ کلي تڏهن سپني جي
يادگيري آيس ۽ اکر ٻه چٽا ياد هيس پر سنياسي
اچي ڪڏهن ڏنل ڪونه هوس. هيماب پنت گذريل
ستن سالن کان باباجن سان گڏ رهي سندن شيوا هر طرح
جي ڪئي هئي ۽ ڌيان ٻه سندن ئي ڪندو هو، ته ٻه
کيس خواب خيال نه هو ته ڪڏهن باباجن سندس گهر
۾ پڌارجي پوڄن ڪندا ۽ گهر کي پوتر ڪندا.

صبح جو پنهنجي استريءَ کي خوش ٿي چيائين
ته ”اَڄ هوليءَ جو ڏينهن آهي. هڪ سنياسي اَتٿي
(مزمان) پڻ ايندو، ان ڪري ”پت“ وڌيڪ ٺاهجانءِ.“
سندس زال چيس ”سنياسي ڪٿي جو ۽ ڪير آهي؟“

اُن تي هيماڌپنت، ديس سڀني واري سنياسيءَ جي ڳالهه ٻڌائي چيو تہ ”مان ڀانيان ٿو تہ اِهو سنياسي شوڊيءَ وارو بابا آهي.“ زال چيس تہ ”اِها ڪا ٿيڻي آهي، جو شوڊيءَ وارو بابا، اُلي جا اُلر ڪوان ۽ ڀيا سنا مال ڇڏي، ايترو پريان اچي اسانجو رکو سڪو ڀوڄن کائيندو!“ هيماڌپنت چيس تہ ”بابا لاءِ هتي پهچڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي. باقي اِئين ٿي سگهي ٿو تہ پاڻ خود نہ پر ٻئي روپ ۾ اچن. جي نہ آيا تہ بہ وڏيڪ ”يت“ ناهڻ ۾ ڪو نقصان آهي ڇا؟

پوءِ ڀوڄن جي تياري ڪرڻ لڳا. هولڪا جي پوڄا ڪري پاٽلون وڇائي، اُنهن جي چوڌاري ”رنگولي“ لڳائي ويئي. ٻہ قطارون ناهيون ويئون ۽ اُنهن جي وچ ۾ سنياسي مزمان لاءِ جاءِ ڇڏي ويئي. ڪٽنب جي سڀني آيل ڀاتين ۽ نياڻين ۽ ناٺين اچي پنهنجي جاءِ والاري ۽ ڀوڄن ورهائڻ پڻ شروع ڪيو ويو ۽ هرڪو سنياسي مزمان لاءِ اُڪير وچان نهاري رهيو هو. پوري (١٠) ٻجي، گهر جو دروازو اندران بند ڪري، اِشارو ڪيو ويو تہ ”ڀوڄن پايو.“ سڀني گڏهہ ڪري شري ڪرشڻ اَرپڻ ڪري پاسيرو رکيو تہ ڏاڪڻ تي ڪنهن جي چڙهڻ جو آواز ٻڌائون.

هيماڌپنت دروازو کوليو ۽ ڏٺائين تہ (١) علي محمد (٢) مؤلانا مجاوَر اِسمؤ بيٺا آهن! ٻنهي ڀوڄن ٻوچيل ڏسي

